# ٧. منهنجو وطن

پڙهو. ڳايو.

هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
مصريءَ کان مٺيرو، ماکيءَ کان مٺيرو،
قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن بدن
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

پنهنجي وطن جي آءٌ جي حالت ڪريان بيان،
سڏڪي پوي زمين هنجون هاري آسمان،
دکڙا وطن جا سارينِدي، منهنجو چلي ٿو من،
هي منهنجو وطن، هي منهنجو وطن، منهنجو وطن.

منڙي وطن کان آءٌ رکي ڪي به نه واريان
جيڪي هجيم ڏيئي وري ڪين پڇاريان.
دل ۾ هميشھ شال رهي، ديش جي لڳن.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

جي چاهه اٿم ڪا ته وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان، وري آباد ڏسان مان،
متي اُنهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مگن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

**نوان لفظ:**

هنجون هارڻ = زور سان روئڻ، سڏڪي پوڻ = روئي پوڻ

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) دڪاپل جي دل ڪهڙي ڳالهه ۾ مگن آهي؟

٢) ”منهنجو وطن“ ۾ شاعر ڪهڙي دلي چاهنا ڏيکاري آهي؟

٣) دڪاپل پنهنجي وطن لاءِ ڪهڙي قرباني تو ڏيڻ چاهي؟

**سوال٢: هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو.**

١) منهنجو وطن ڪوتا، اجوڪي دور ۾ ڪهڙي اهميت رکي ٿي؟

٢) شاعر جو من ڇو ٿو ڇُلي؟

**سوال٣: خال ڀريو :-**

١) دل ۾ هميشهه شال رهي .................. جي لگن.

٢) .................. پوي زمين، هنجون هاري آسمان

**سوال٤: هيٺ ڏنل بيت جي سٽن جي سمجهاڻي لکو:**

منڙي وطن ڪان آءُ رکي ............................................................. منهنجو وطن، منهنجو وطن.

## پورڪ اَڀياس

**شعر بند تي عملي ڪم:**

(١) پنهنجي وطن جي آءُ .............. ديش جي لگن.

**(i) هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهي لکو:-**

١) ڌرتي روئي پوي.

٢) وطن جون تڪليفون ٻڌايان.

**(ii) بيت جي سٽن تي آڌار رکندڙ صحيح جملي لاءِ ✓ ۽ غلط جملي لاءِ ✗ لکو:**


١) آسمان زار زار روئي ٿو.( )

٢) ديش ۾ ڏک درد آهن. ( )

٣) ديش ڪافي ترقي ڪئي آهي. ( )

٤) هميشهه مان ديش بابت ٿي سوچيان. ( )

**(iii) خاڪو پورو ڪريو.**



(٢) ڏنگين مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو:-

(اُڪٽيهه، ست، ڀارت، مالها، ايڪتا، اَنيڪتا، گلن، ناز، لوڪشاهي)

منهنجو نالو ..................... آهي. منهنجي ديش جو نالو ................ آهي. مونکي پنهنجي ديش تي ............. آهي. جدا جدا ڌرم، جدا جدا جاتيون، هت هڪ ................ ۾ ............ وانگر پرويل آهن. دنيا جي وڏي ۾ وڏي ............ اَسان جو ڀارت ديش آهي. ڪل ............ راڄيه ۽ ................ مرڪزي ايراضيون ڀارت جي .............. ۾ ............ درشائن ٿيون.

(٣) ڏنل مٿيون ٽڪر خال ڀري، سڄو وري لکي اُن تي ڇهه سوال ٺاهيو.

(٤) هيٺين سنڌي سوروين بابت نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ ٻڌايو.


برگيڊيئر شري رام هيرا


اَيڊمرل آر. ايڇ. ٽهلياڻي


شري پريم رامچنداڻي

(٥) هيٺين ڏڻن بابت چرچا ڪريو. ٻڌايو ۽ ڄاڻ لکو.


هولي


رڪشا ٻنڌن


پونگل


گڻيش اُتسو

# وياڪرڻ

## حرف جُملو

**هيٺيان جُملا پڙهو.**

١) اَسين مهابليشور ۽ لوناولا گُهمڻ وياسين.
٢) ڊاڪٽر دوا ڏني **پر** فائدو نہ ٿيو.
٣) منوج کي امتحان ۾ سُٺيوُن مارڪوُن نہ مليوُن **چو تہ** هُن اَپياس گهٽ ڪيو.
٤) ستون رانديگر موهن **يا** سوهن ٿيندو.

مٿين جُملن ۾ ’۽‘، ’پر‘، ’چو تہ‘ ۽ ’يا‘ لفظ ٻن لفظن يا ٻن جُملن کي ڳنڍين ٿا. اَهڙن ڳنڍيندڙ لفظن کي ’حرف جملو‘ چئجي ٿو.

اُن جا ٻيا مثال آهن: **نہ تہ، ان ڪري، تنهن ڪري، ڇڻ**

**هيٺين جملن مان حرف جُملو ڳولهيو:**

١) مان ۽ مالها مندر ۾ وياسين.
٢) گوپال موٽي آيو پر راڌا اُتي رهجي ويئي.
٣) سرلا پاٺ پڙهندي يا گوبند گيت ڳائيندو.
٤) برسات تيز پوڻ لڳي. اِنڪري هوءَ دير سان پهتي.
٥) تون هل نہ تہ مان هلي ويندس.

---

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

- برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ جي معنيٰ وارو لفظ ٺاهڻ لاءِ گول ۾ مناسب اَکر وجهي لفظ ٺاهيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پ | | | | | (طاقت) |
| | ڪ | | | | (خاطري) |
| ن | | | | | (آسمان) |
| و | ق | | | | (ٽاڪو) |
| | و | د | | | (پاڻ) |
| س | آ | | | | (ساراهہ) |
| و | هہ | | | | (سنسا) |
| ح | يِ | | ت | | (عجب) |
| ت | ڪ | ل | ي | | (مصيبت) |
| ف | آ | ئـ | د | | (نفعو) |